# منهنجي حياتيءَ جا
# سونا روپا ورق



پوپٽي هيراننداڻي

ڪتاب اٺونجاهون (58)

# منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق

(آتم ڪهاڻي)

پوپٽي رامچند هيراننداڻي

سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد سنڌ

1993ع

(حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ )

كتاب جو نالو: منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق
موضوع: آتم ڪهاڻي
ليکڪ: پوپٽي رامچند هيراننداڻي
ڇاپو: چوٿون
ڇپجڻ جي تاريخ: جنوري1993ع
ڇاپو پهريون: ڪونج پبليڪيشن بمبئي 1981ع
ڇاپو ٻيون: سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد سنڌ 1982ع
ڇاپو ٽيون: مڪمل لوڪ سر پبليڪيشن بمبئي 1992ع

[سنڌي ساهت گهر، ڪتاب نمبر - اٺونجاهون (58) ]
قيمت: =/60
سٺ روپيه

MUHINJI HAYATI-A-JAA SONA ROPA VARQ.
(an-autobiography)
By: Popati Hiranandani
Published by: Naz Sanai
Sindhi Sahat Ghar-3 Nizam Ladge
Gari Khato, Hyderabad Sindh.
Jan. 1993- Book No. 58
Per Copy: Rs: 60.00 Sixty only.

## ٻه اکر

پوپٽي هيراننداڻيءَ جو نالو سنڌي ساهت جو وڏو نالو آهي. جنهن هيستائين جيڪو به لکيو آهي، اهو ڏاڍي همت ۽ بيباڪيءَ سان. هُن ڏاڍي قرب ۽ پاٻوهه مان قلم جو پورهيو ڪيو آهي. سنڌيءَ ۾ هند جي جن قلمڪارن کي ڏاڍي سِڪ ۽ اُتساهه مان پڙهيو ويجي ٿو انهن ۾ پوپٽيءَ جو نالو به سرفهرست آهي.

سندس هيءُ ڪتاب 'منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق' سنڌ ۾ ڇپجي چڪو آهي پر اهو نامڪمل هو. پوپٽيءَ اُن کي هاڻي وڌايو آهي ۽ نئين طرح سان هندستان ۾ تازو شاندار نموني سان شايع ٿيو آهي، جنهن کي اسان جو ادارو هتي ٻيهر ڇاپيندي خوشي ٿو محسوس ڪري.

هيءُ ڪتاب رڳو پوپٽيءَ جي آتم ڪهاڻي ڪونهي پر هِن ڪتاب ۾ هن اسان جي سنڌي سماج خاص ڪري ورهاڱي کان اڳ جي ماحول جي ڀرپور نموني عڪاسي ڪئي آهي ۽ گڏوگڏ هتان وڃڻ ڪانپوءِ هند جي سماج ۽ خاص طور سنڌي هندن جي ماحول ۽ تڪليفن جو انتهائي چڱي نموني سان ذڪر ڪيو آهي، جنهن جي پڙهڻ سان اسان کي ڪيترين ڳالهين جي پروڙ پوي ٿي.

لائق پڙهندڙ ڪتاب شروع ڪري اُن کي پڙهي پورو ڪرڻ کان اڳ شايد ڪٿي به ورچي نه ويهن ڇاڪاڻ ته نه رڳو قصو دلچسپ آهي پر ٻولي به ڏاڍي ٻاجهاري آهي. سنڌ ۽ سنڌين سان محبت، هُن جي دل ۾ موجزن آهي ۽ يقيناً هي ڪتاب پڙهي، اسان جي دلين ۾ پوپٽيءَ لاءِ اڃا به وڌيڪ محبت وڌندي، جنهن جي اڳ به ڪَمي ڪانهي.

اسان ٿورائتا آهيون سنڌ جي نامياري شاعر محترم تاج بيوس جا جنهن اسان کي ڪتاب جي ڪاپي ڏني. انهن ساٿين جا به ٿورائتا رهنداسين جيڪي اسان جي اداري کي سنڌيءَ جا اهڙا ڪتاب ٻيهر ڇاپي لاءِ ڏيندا .

٢٠ ڊسمبر ١٩٩٢ع

**ناز سنائي**

# سٽاءُ


| | | |
|---|---|---|
| مهاڳ | - لڇمڻ ڪومل | ١ |
| ٻه اکر | - پوپٽي هيراننداڻي | ٨ |
| ورق پهريون | - مان ۽ پنا | ١١ |
| ورق ٻيون | - حالتن ئي مونکي سيکاريو | ١٩ |
| ورق ٽيون | - جوڳي جادو لڳائي ويا | ٢٩ |
| ورق چوٿون | - اسين ڀائر ڀينر سڀ ست ڄڻا | ٣٨ |
| ورق پنجون | - ڀڪي مڙيوئي نه هنج | ٤٧ |
| ورق ڇهون | - ڇا مون پيار ڪيو؟ | ٥٧ |
| ورق ستون | - جڏهن مونکي زندگي ۽ موت جو گڏيل احساس ٿيو | ٦٦ |
| ورق اٺون | - مان ماسترياڻي | ٧٦ |
| ورق نائون | - زندگي هڪ ناٽڪ | ٩١ |
| ورق ڏهون | - منهنجي پير ۾ چنچر آهي | ١٠٠ |
| ورق يارهون | - مون شادي ڇو نه ڪئي؟ | ١٠٨ |
| ورق ٻارهون | - مان هڪ عورت | ١١٥ |
| ورق تيرهون | - ڪالهه جي ياد-سيان جو سپنو | ١٢٥ |
| ورق چوڏهون | - زندگي جي شام | ١٣٠ |
| ورق پندرهون | - اسانجا سگهڙ سياڻا | ١٤٢ |
| ورق سورهون | - اڪيلي اگربتي | ١٦٤ |
| ورق سترهون | - منهنجون بيماريون ۽ منهنجا ڊاڪٽر | ١٨٧ |
| خاص اِسم | - ڪن اديبن ۽ پڙهندڙن جا رايا | ١٩٨ |

# مهاڳ

برخت جي هڪ ناٽڪ جو ڪردار چوي ٿو:-

"پنهنجي اداس ٿي اچڻ ۽ ايترو جلد خوش ٿيڻ جي
ضرورت ناهي، ڇو جو اها ڪک،
جتان هو ڇرندو - ڇيڪاڙيندو اٿيو هو،
اڃا به زرخيز آهي."

برڪليءَ جي وسيع ڪک مان جڏهن ڪا تخليق جنم وٺندي آهي ته پهرين ڪي سڏڪا، زندگيءَ جا سيلاب آڻي، اڳتي هلي ساهه جا سلسلا جوڙيندا آهن ۽ سلسلا سدائين اسانکي اهو احساس ڏياريندا رهندا آهن ته اساڻي زندگيءَ ۾، بلڪ هن دنيا ۾ جتي به، جيڪي ڪي ٿي رهيو آهي، اهو اساڻي اجازت کانسواءِ ٿي رهيو آهي.

پوئتيءَ جي خياليءَ ۾ جيڪي ڪجهه ٿيو آهي. اهو هن جي منظوريءَ بنائي ٿيو آهي ۽ جيڪي ڪجهه 'نه ٿيو' آهي ان تي به هن جو ڪو وس نه رهيو آهي. بهرحال، ان 'ٿيڻ' ۽ 'نه ٿيڻ' ۾ پوئتيءَ جي پنهنجي چونڊ اوس رهي آهي. 'وجوديت' جو سڄو فلسفو ان ئي سراڻيءَ تي ڦرندو رهيو آهي ته انسان نه پنهنجيءَ مرضيءَ سان جمي ٿو ۽ نه پنهنجي مرضيءَ سان اجل جي راهه وٺي ٿو پر ان جمڻ ۽ مرڻ جي وچ واري عرصي ۾ هن کي پنهنجي مرضيءَ ۽ منشا مطابق ڪنهن چونڊ جو حق اوس حاصل آهي. پوءِ

هڪ ڀنڀراٽو شان ۽ جلوو نظر آيو هيو. سڀ کان دردناڪ منظر اهو هيو جڏهن ڪنهن قاتل Maldorar جي پيٽ ۾ آرپار ٽلوار لنگهائي ڇڏي آهي- پهلوان، مستري، فلاسافر، شاعر- سڀ ڪوشش ڪري ٿڪجي پيا آهن پر ڪو به اها ٽلوار ٻاهر نه ڪڍي سگهيو آهي. ان وقت پيڙا کان ٿڙڪندي هو چئي ٿو:-

"They knew not that the evil done by man was not to be undone."

۽ پرٿوي نه Maldorar جي ان عذاب کي سمجهي ٿي ته

يا ته هر درد کي ڪا معني آهي

يا ڪنهن به درد کي ڪا معني ناهي!

بهرحال مون کي اهو چوڻ ۾ ڪو عار نه ٿو ٿئي ته پرٿويءَ جي هيءَ آتم ڪٿا اڃان اڌوري آهي. ان ۾ رڳو ٽي نوان باب جوڙڻ ٿي ڪافي ناهن جو هر نئين اڀرندڙ سج جو ڀرپور ڪرڻو پرٿويءَ جي آپ بيتيءَ ۾ هڪ بهتر باب جو اضافو آڻيندو رهندو ۽ ايندڙ صديءَ، جيڪا اسان کان هاڻي ڪي وکون واجهو وجهي رهي آهي، جي هڪ شفاف صبح جو مان پرٿويءَ جي مڪمل ڪٿا جو هڪ نئون مهاڳ لکندس.

ان جي مون کان وڌيڪ پرٿويءَ کي پڪ آهي.

لڇمڻ ڪومل

١٨ ڊسمبر ١٩٩١

# ليکڪا جا ٻه اکر

انڊو - امريڪن سوسائٽي پاران انگريزيءَ ۾ تقرير جي چٽاڀيٽي هئي. وشيه اُن وقت ٽي ٽاڪس مان ڪٿي اُن تي ڳالهائڻو هو. اُن چٽاڀيٽيءَ ۾ مان پهريون نمبر آيس ۽ هڪ گجراتي سنڌو ٻيو ڇوڪرو ٻيون نمبر.

ڪرسين تي ويٺا هئاسين ته اُن ڇوڪري مون کان منهنجي جنم جي تاريخ ۽ ويلا (وقت) پڇيا. مون ٻڌايامانس ته پنو ڪڍي ويٺو منهنجا گرهه جاچڻ. اڌ ڪلاڪ لڳس جنهن بعد چيائين ته ١٩٧٨ واري سال جي نومبر مهيني جي پڇاڙيءَ ۾ بدن جي هيٺين حصي ۾ تنهنجو وڏو آپريشن ٿيندو. جيڪڏهن مڙ تي ئي مري وئينءَ ته خير، پر جي بچي وئينءَ ته گهڻو وقت جيئندين." مون کليو ۽ سندس ڏال پنو ڦاڙي ڇڏيو. ڇاڪاڻ ته مان هٽي ڪٽي ۽ تندرست هيس. تڪليف ڪا به ڪين هيم.

١٩٧٥ جي مارچ ۾ منهنجو وڏو ڀاءُ اوچتو لنڊن ۾ گذاري ويو. خبر ٻڌي مونکي اهڙو ڌڪ رسيو، جو اُٿي نه پئي سگهان. اُن بعد مان ڪجهه به کائي نه سگهندي هيس. صرف ڏڌ چانور زوريءَ پيٽ ۾ لنگهائيندي هيس.

ڪڏهين ڪڏهين پيٽ ۾ سور پڻ پوندو هوم. ليڪ اچي ١٩٧٨ سيپٽمبر جي پڇاڙي پهتي! ڊاڪٽر وٽ ويس ته گهڻيئي اسم جاچ لاءِ لکي ڏنائين. نومبر جي اڌ ۾ رپورٽ ڏسي چيائين ٢٢ تاريخ آپريشن ڪنداس، اسپتال ۾

سنڌين سنڌو 'پيشم - پٽاڻهڻ'، 'اساڻي جهانسيءَ جي راڻي!' خط پڙهي منهنجي دل روئي ڏيندي هئي. منهنجو روح سنڌ کا پرانڊو هو ۽ منهنجي زندگيءَ جي ڏيئي جي وٽ ترقي آڻيندي هئي.

هندستان ۾ هن ڪتاب جي گهڻي گهر ٿي. پر هريءَ گهڻي چوڻ تي ٻه ٻيو ڇاپو ڪين ڇپيو. سنڌ ۾ شري دولت مهتاڻيءَ ٻيو ڇاپو ڇپائڻ جو خيال ڏيکاريو آهي.

مان نوڪ سر سنستا جي سرڪردن، ديوداس رتنپال، هيرو چاولا ۽ چندرو پنجابيءَ جي شڪرگذار آهيان جن منهنجي ڪتاب جو هيءُ ٻيو ڇاپو ڇپايو آهي ۽ ماڻهن کي مان ڏنو آهي.

پوپٽي ر. هيراننداڻي

١٩٩٢-٢-١٢

# ورق پهريون

## مان ۽ پنا

ٻوندن جون قطارون
هوا جي طوفاني تيزي
جڏ ٽالهيون لهرائينديون هليون،
پوءِ به ٽڪاڻ آ سڪون پري
زندگيءَ جون ادائون
تن من جي انتها پيڙا
جڏ چوگرد سڀ ٻلائون سرڪنديون رهيون،
پوءِ به جيون آ رنگ ڀري.

- ٻوٽي

منهنجي زندگي ڪڏهن کان پنن ۾ ولوڙهجي ويئي آهي ياد نه اٿم. فائيل اندر پنا، فائيل کان ٻاهر پنا، ڪتب اندر پنا، ڪتب جي مٿان پنا، ميز تي پنا ۽ پرس ۾ پنا، ساڙهين جي وچ ۾ پنا ۽ بلائوزن جي پرسان پنا، ائين ئي پنا مونکي گهيري ويٺا آهن ۽ مان هر هميشه پنن جي ئي صحبت ۾ ويٺي آهيان.

ان ڳالهه تي منهنجي امي ڏاڍي ڪاوڙبي هئي پر اسان ٻن مان ڪنهن به هڪ، ٻئي جو ساٿ ڪين ڇڏيو آهي. اميءَ جي ڪاوڙجڻ تي ڪڏهين ڪي پنا چوندي

جي بدن کي ٻه شهه ڏني وئي.
جنهن ڦرليهڙ جي مرامت ڪرائي آهي ،
نه ڪرسيءَ يا ٽيبل جي ڀڳل ٽنگ ڪپي
ٽٽين و جهندا آهن
ٽٽين هنن منهنجي عضون کي
ڪٽيو ۽ ڳنڍيو
پوءِ
انهن جي جڳهه انهن مٽايائون
جنهن ڪمري ۾ وزلدار سامان
هڪ ڪنڊ کان ڪٽي ٻيءَ ۾ رکيو آهي.
بدن مان رت
۽ ڪيسي مان پئسا
ڦري
هر طرح ڪمزور بڻائي
مونکي اسپتال مان ڪڍي ڇڏيائون
چي :
اسان توکي رلووٽ ڪيو آهي
هاڻ
تون اهو رلووشن ڪيٽائين تي هلائين
اهو توتي ئي مدار آهي!

# ورق ٻيون

## حالتن ئي مونکي سيکاريو آهي

"زماني جي ڏکن ئي آهي سيکاريو ته ڪيئن هلجي
سهي چوٽن تي چوٽون عاقبت هشيار ٿي پياسين"

- موتي پرڪاش

منهنجو پتا فاريسٽ ڊپارٽمينٽ ۾ وڏي عهدي تي هو. سنڌ جي شهرن ۾ سندس بدلي ٿيندي رهندي هئي. سکر ۽ شڪارپور بعد سندس ڪراچيءَ ۾ بدلي ٿي جتي هڪ شڪارپوري سيٺ جي مسواڙي جاءِ ۾ رهڻ لڳاسين. سيٺ پاڻ مٿي رهندو هو. انهن بابا جي سيٺ سان جاڻ سڃاڻ ٿي ۽ بابا کيس ڏهه هزار رپيا اڌارا ڏنا.

بابا کي ڪابه علت ڪين هئي. منهنجا چاچا پتو ڪٽيندا هئا ۽ ٻيڙي ڇڪيندا هئا پر بابا نه پاڻ پتو ڪٽيندو هو ۽ نه اسان کي کيڏڻ ڏيندو هو. هن ۾ بس هڪ ئي اوگڻ هو، جو هو پئسا وياج تي اڌارا ڏيندو هو.

هنجي ان اوگڻ ڪري ئي اسان سندس وڃڻ بعد ڏاڍيو پڇيو. سندس هڪ دوست تاراچند نالي هو. ٻنهي گڏجي ملير - ڊرگ روڊ پاسي ڪيئن ايڪڙن ۾ ڦهليل پلاٽ ورتو هو. تاراچند کي به بابا اڌارا پئسا ڏنا هئا جي هو واپس ڏيئي نه سگهيو ته پاڻ وارو پلاٽ به بابا کي لکي ڏنو هئائين.

پنهنجو چيل جملو کولي سمجهايو.“

نوڪري ڪرڻي آهي يا نه، انجو فيصلو جڏهن هو مونکان پڇي رهيو، تڏهن هو مونکي ٽمڪائي ڪيئن ٿو سگهي؟ جڏهن منهنجي ڳالهائڻ مان نوڪري ڪرڻ جي مجبوري هو جاڻي نه سگهيو، تڏهن ڳالهائڻ جو رخ بدلي هن مون کي سمجهائڻ شروع ڪيو.

ان بعد اسڪول ۾ جنهن نه ماستريائيءَ کي ٽڪايو ويندو هئو نه هوءَ مون سان صلاح ڪرڻ ايندي هئي. ان جو اهو مطلب نه آهي ته مون ۾ جهجهڪ-ي سياڻپ آهي، پر مان بالادست اڳيان، پاڻکي مجبور ۽ لاچار ڏيکارڻ بدران پاڻ جتائڻ جو طريقو اپنائڻ جي ئي فائدي ۾ آهيان. جڏهن وقت بالادست زيردست جي مجبوريءَ جو فائدو وٺڻ ٿو چاهي تڏهن وقت ڏيڻي هيٺ ليٽڻ بدران اڪڙي ٽالپ وانگر قدمي مٿي ٿي بيهجي. چالاڪڻ نه ڀگهار انسان کي اجوري جي روپ ۾ ئي ملي ٿو. ان ڪري پيچ لوڏڻ جي ڪا به ضرورت ڪانهي. چوڌاري نظر ورائبي ته ڏسبو ته سڄي پراڻين جي ٻنيءَ جو ڪنڌو ڪنهن نه ڪنهن لموني لميل يا ورهيل آهي. هڪ انسان ئي آهي جنهنجي سڌي ڪنڌي جو چهرو آڪاش ڏانهن اشارو ڪري ٿو. اهڙو بلند مايه ناز انسان ڪنهن جي پيرن ڏانهن ڇو نهاري؟

# ورق ٽيون

## جوڳي جادو لڳائي ويا

"مون ٻڌو هو جي ٻاري ۾ پهاڙيءَ تي آيو
هڪ صبح، اگهاڙو ڪو الله لوڪ ڏٺو
وسمي ۾ ڏسي مون لڪي، ڇپائين مرڪي
ڇو عشق جي ڪوري تي ڪو نهي ٿو ڪپڙو؟"
— هرو سدارنگاڻي

حيدرآباد جي هيرآباد ۾ اسان کي پنهنجي جاءِ هئي پر نانيءَ چيو ته ننڍن ٻارن سان منهنجي ڌيءَ اڪيلي ڪيئن وڃي رهندي؟ ان ڪري اسين سڀ گڏ رهڻ لڳاسين. هيٺ منهنجي ماسي پنهنجن ٽن ٻارن سان ۽ ماڙي تي منهنجو مامو، سندس ٻه ٻار ۽ منهنجي ناني هڪ پاسي ۽ ٻئي پاسي امي ۽ سندس ست ٻار. منهنجو ماسڙ ڪوئيٽا ۾ نوڪري ڪندو هو ۽ منهنجي ماميءَ گذر ڪري وئي هئي. سچي هيڏي ٻڙ جي وڻ جيئان ڦهليل پريوار کي منهنجو وڏو مامو (منهنجي ماءُ جو مامو) گوپالداس پاليندو هو. هن شادي نه ڪئي هئي پر سندس ڌرمپتني گذاري وئي هئي ۽ هن وري شادي نه ڪئي هئي.

مامو گوپالداس وڏو ٺيڪيدار هو. گدو بندر واري اسپتال توڙي سول اسپتال ۾ هر هڪ چيز پهچائڻ جا ٺيڪا

مهان ودوان هو. پوءِ ٻه انگريز اهڙي هوندي هئس جو هڪ انگريزي ٻالڪا اڳيان جهڪي پوندو هو.

منهنجو بابا صاحب جو سويل اٿي ٻلند آواز سان ڳائيندو هو:

مٺن انکلي کي نيڪ تيرا نام خدا کارا
مٺن غرباب مٺن مسکين تيرا نام هئه آڌارا....

بابا

"سنتان کي کارج آپ کلوها......"

۽ امي مرڻ گهڙيءَ تائين صاحب سوال اٿي پڙهندي ماءُ جيان سکنيءَ جو پاٺ ڪندي هئي. پر مون ڪڏهين نت نيم سان ڪنهن پستڪ جو پاٺ ڪين ڪيو. ٻچپڻ جي پيت ۾ مولڪي ڪلام وڌيڪ وڻندا هئا ۽ وڏي ٿيڻ تي "غزل" زبردست اموٽي ۾ موهيندو آهي.

پر ساڌو واسوانيءَ جي شخصيت مولڪي فيلسوفيءَ ڏانهن مائل ڪيو. ٿياسافي هال ۾ ليڪچر رکيا ويندا هئا. ڀائي پرتاپ جي منتري ٿيڻ ۾ هر جمع تي ڪٽ اُپديش تي سوامي رنگناٿن جو وياکيان ٿيندو هو. هر سومر تي گور سنگت ۾ ماستر فتحچند گورن جي جيون جو ورنن ڪندو هو ۽ هر ٻڌر تي سنتداس وڪيل گيتا جا اڌياءَ سمجهائيندو هو. مان سڀني جا ليڪچر ٻڌڻ ويندي هيس. جيئن جيئن ٿي ٻڌم تيئن تيئن ٿي پياس وڌي.

پر وري ساڌوءَ جي آواز جي گونج

اُستوما سد گميه
تمسوما جيوتر گميه
مرتيورما امرتم گميه

مولڪي چڪيندي رهي. تارن سان ڀريل آڪاش، هون

جي سڄڻ، مٺي وڻندڙ دونهون، شانتيءَ (ساڌو واسوانيءَ جي انڌي شِيا) جو پوڙ ڪاڙهو نيل چهرو؛ ساڌوءَ جو مڌر جي گهنڊ جهڙو مڌر آواز! ان آواز ۾ عشق جو خمار ۽ هو ۽ ماڻ جي مڌرتا ۽ سماڻل هئي!

ساڌوءَ جي من ۾ وهندڙ گيان جي گنگا جي هڪ بوند منهنجي سيني جي سر (تلاءُ) ۾ ڪڏهين سمائجي ويئي سا خبر ڪين اٿم.

# ورق چوٿون

## اسين پائر پينر سپ ست چڙها

نظر سان ٿي جن ٿي ڪيا دور دکڙا!
الا! سي هليا ويا، ڪٿي ويا ٻهارون.

— اندر پوچواڻي

امي چوندي هئي ته جڏهن سڪر ۾ هئاسين تڏهين ٻه-دفعا لون مٽان ڪڍ لان هيٺ ڪري پئي هئين. جڏهن ٻه پيرو مسلمان ڪنهن ڪان ٿنهنجو مڙال پير ۽ پنگل هڏو ٺهرائڻ وياسين، تڏهين هن چيڃيندي چيو ته نينگر ته ڪپهو ته هٿي چڙهي وڃوس! مان ڪيس ٻاليندس!

شڪارپور جي ته مونکي چٽي ياد آهي. اسان وٽ پاريءَ ماءُ ڪم ڪندي هئي جا ٻزار ۾ ڀاڄي وڪڻي ويندي هئي ته مان ساڻس ڳڙڪي پوندي هئس. هڪ دفعي هوءَ مونکان ليڪي ته پيئي ۽ مان رڙندي هلندي پئي وڃان ته ٻن سلوار ٺهرائيندڙ شخص مان هڪ، مونکي ڪٽي ورتو ۽ گڏهه تي وهاري ٻئي لڪڙو هڻڻ لڳا. مان لٺائين وڏيڪ رڙيون ڪرڻ لڳيس، جي ٻڌان ڪجهه هندو جوان شايد ٻڌيون ۽ اهي دوڙندا آيا. جت مونکي پٽ تي رکي وٺي ويا. جوان مونکي گهر ڪاڙيا ۽ پوءِ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ هوڪو ڏيندا هليا "هيءُ ٻار ڪنهنجو آهي؟" دکيءَ تي پنهل اميءَ امالڪ ٻالهون ڏاني مونکي ڪٽي ورتو.

اسان گڏجي گهر جون جوابداريون کنيون. پاڻ ۾ ٻڌف
کيا. ڏکيائيءَ ۾ هڪ ٻئي کي ساٿ ڏنو ۽ خوشيءَ ۾ گڏجي
کليو هو، پر هاڻ اهو ساٿ ڇٽي ويو! امي ويئي ته ائين
سمجهيم ڄڻ گهر جي ڇت اڏامي وئي آهي. هي ٻه ويا
ته ڄڻ گهر جون ٿنڀون ئي ڀڃي پيئون!

باقي ٻچا اٿم ٻه ڀائر هڪ ڀيڻ. مان پنهنجن ڀائرن کي
تمام گهڻو گهرندي آهيان. زمانو ڀل ڪيتري به ترقي ڪري
وڃي پر ڀيڻ ڀاءُ جو هيءُ انوکو رشتو مون وٽ اڄ به هڪ
خاص معنيٰ رکي ٿو. مان اڄ به جهوني زماني جي ڀيڻ
آهيان ۽ اڳ وانگر ئي پرارٿنا ڪندي چوندي آهيان ”شل
منهنجي عمر به توهان ڀائرن کي ملي!“

# ورق پنجون

## ڀکي مڙدوئي نه هڻج

"واس موتين کي چڱن وارا نه ٻڌجن تا گهڻو
ڇائيپا ڪاتو ٿا هنسن جي وڃن محفل ۾"

— سگن آهوجا

جيون جي هن لمبي سفر ۾ ايڪ آدمي گڏيا اٿم. اسڪول پڙهندي، حيدرآباد ۾ ممبئي ۾ ماستري ڪندي، ڪاليج پڙهندي، واري سان ٽن ڪاليجن ۾ ڪم ڪندي، "سنڌيت" جي هلچل ۾ ڀاڱي وٺندي ۽ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جي عهدي لي رهي سرگرم رهندي، گهڻن ئي شخصن سان واسطو پيو اٿم. عزيزن خويشن، مترن ۽ ڪليگس جي پڻ لمبي يادداشت آهي مون وٽ. انهن مان صرف ڪن ڳاڻ ڳڻين شخصن کي ئي مون انسان ڪري ميڄيو آهي. گهڻي ڀاڱي دوکيبازن، لالچي ۽ سوارٿي ماڻهون ئي مليا اٿم.

حيدرآباد ۾ پروفيسر ٺيڄا وٽ هر روز سنسڪرت پڙهڻ ويندي هيس. متلڪ ۾ مون پرشن ڪندي هئي. بعد ۾ مٿيران ڪاليج ڪليو ته ٨٠ شاگردياڻين سنسڪرت ڪئي. پروفيسر ٺيڄا ٽورو ڪجهه سيڪاري امتحان ورتو نه مان ٻهراون لمبر ٻئيس. سياوڪ هن مون ۾ چاهه وڌڻ شروع ڪيو.

چمار کي اوهين گهٽ درجي جو سمجهي ان سان اڇوت و
وهنوار ٿا ڪريو ڇا؟ ڇا باقي انسانن کان گهٽ سمجها آهيو؟"

پيا ته ڇڏيو پر ڇڏهين ڪميونزم ۾ وشواس رکندڙ ماڻهن
کي پنهنجن دوستن سان بيدي ورتاءُ ڪندو ڏسندي آهيان
تڏهن مون ۾ خيال ايندو آهي ته هنن "ڪامريڊشپ" جي
معنيٰ پوريءَ طرح سمجهي ئي ڪانهي. انهي هوندي به
انسان کي سيکاريو ويندو هو ته رتن مهل داڻي جي ٻهرين
مالي گانءِ لاءِ آهي ۽ چانورن جي ٻهران چانٽي اگنيءَ لاءِ،
ته اڳيان آيل ٿالهيءَ مان ٻهران ڳٽي ڪانوَ لاءِ ڪڍي ۽
ڀاڙيءَ جي ڪتي لاءِ. ان طرح انسانن "ساٿين" ۾ ڪانوَ،
ڪتا، گائيون، ڪٺليون سڀ شامل ٿي وينديون هيون.
نه رڳو شامل ٿي ويندا هئا پر انسان جهڙا ئي ليکيا هئا.
ڪتي لاءِ ماني پچندي هئي ته ان کي گيهه ضرور لڳندو
هو: ڇو ڪتو اهو نه کائيندو آهي، ڪيس "سيٺو نکر"
وٺندو آهي. ويهاڳ ڪتيءَ کي سڀ ٻاڙ ٻوارا پچندا هئا.
فقير، مست قلندر، ٻنگي، سڀني کي ماند سارو انب، شربت
يا ڳڙ پيل لولي ڏني هئي.

پر هتي انسان مان اهو انسانپڻو عدم موجود ٿي ويو آهي.

# ورق ڇهون

## ڇا مون پيار ڪيو؟

جڏهين جڏهين آهي ڪانءُ اُڏڻ منهنجي لنوءِ
تڏهين تڏهين آهي نانءُ تنهنجو هريو هانءُ ۾

— ڪرشن ”راهي“

هڪ دفعي سرڳواسي هاسارام راليءَ چيو هو ته مون ڪٿي پڙهيو آهي ته حيدرآباد جا عامل يونانين جو اولاد آهن. سندن نڪ ۽ ڪاروبار هلائڻ جي لياقت اها ڳالهه اڄ ڀي ثابت ڪن ٿا.

خبر ناهي مٿين ڳالهه ڪيتري قدر صحيح آهي مگر اها سان خبر اٿم ته يونانين جيان حيدرآبادي پڻ ڌيئن پيئرن کي پيار ڪرڻ ڏيندا ئي نه هئا.

جتي جتي جاگيرداري نظام هو اُتي اُتي عورت جي حالت ته ڇا مگر نگاهه تي به سخت پهرو رکيل هوندو هو. عورت ان پهري کان جڏهين نه ٻاهر نڪتي ٿي تڏهين ڪيس، يا سندس نگاهن جي گهايل ڪئي موت جي گهاٽ اُتاريو ٿي ويو.

حيدرآباد دکن ۾ وڃڻ ٿيو هوم. هڪ مسلم پروفيسرياڻي اِتهاسڪ عمارتون ڏيکارڻ هلي هئي. هڪ هنڌ پهچي چيائين،

ٽٽيو ويندو آهي. پر پيار ته دل ئي اڪرجندڙ چيز جو
نالو ئي آهي.

شايد ان ڪري ئي، ته ڪڏهين ڪنهن جي پرواهه رهي
اٿم ۽ ته ڪڏهين ڪنهن جو ڏيپ يا انتظار! ته ئي ڪنهن
کي پڇهائڻ، منهائڻ يا خوش ڪرڻ چاهيندو اٿم ۽ نه ڪنهن
جي خوشامد ڪري پيار جتائڻ.

نه، مونکي شادي ڪرڻ جو ارمان به ڪينهي. شادي
زندگيءَ جي منزل نه آهي، نه ئي شادي پيار جو مقصد
آهي. وواهه ته هڪ سمجهوتو آهي، سا به نهايت پراڻي.
شادي ڪرڻ جيون جيئڻ جو هڪ سهج ۽ آسان طريقو آهي.
شادي ڪيل پاڻ ۾ انهن ويجها مائٽ ٿيڻ جي وچن ڏنا، جيئڻ
ڪي ٻيا مت مائٽ پنهنجا ٿيڻ جي وچن ڏنا. ها، ساٿ آهي،
وچارن جي ڏيوڻ آهي، دک سک جي ونڊ سنڌ آهي، پر
ان ۾ ارزش وارو ۽ ڌڙڪندڙ پيار آهي؟ ان ساٿ ۾ انبلت
جي رنگيني آهي؟

ها، ڪڏهن من جي اندرئين تهه ۾ اڪيلائي، هڪ سڃ
جو احساس ڪرائيندي آهي. پر اهو به گهڙي پل لاءِ. پوءِ
ڪڻ ئي زندگي پنهنجي پيچيدي جار ۾ ويڙهي ڇڏيندي اٿم.

# ورق ستون

## جڏهين مون کي زندگي ۽ موت
## جو ڳنڍيل احساس ٿيو

موت وس ۾ نه، زندگي وس ۾
ڪيڏو بي اختيار آهيون اسين

— لڇمڻ ڪومل

ريڊيو تي ظاهر ٿيو ته ملڪ کي ورهايو ويندو. اخبارن ۾ خبر آئي ته سڄي سنڌ پاڪستان کي ملي آهي. پناهگيرن سنڌ ۾ اچڻ شروع ڪيو هو. هڪ ڏينهن ٻڌوسين ته حيدرآباد ۾ پنج هزار مسلمان اچي لٿا آهن، جن مان ڪي مسلم هاسٽل ۾، ڪي سلاٽن جي پاڙي ۾ ۽ ڪي مدرسي ۾ رهايا ويا آهن. مسلم هاسٽل اسانجي گهر جي ساڄي پاسي واري رستي تي هئي. فضا ۾ ڊپ، هوا ۾ هراس ۽ دلين ۾ دهشت ڇانئجي وئي. باقي ته جو هاسٽل مان نڪري ڪن نوجوان مسلمانن نعرا هنيا ته ”حيدرآباد جون حورون اسان جي حوالي ڪريو“ تڏهن ته آئي باقي دلين جي ڌڙڪڻ تيز ڪري ڇڏي! هر هڪ گهر ۾ ڇوڪرين کي سيکاريو ويو ته مسلمان گهر ۾ گهڙي ته اڄايءَ واري پلنگ جي ٻن ٽنگن ۾ آڱريون وجهي ٻٽڻ هيٺ ڪري پاڻ کي ختم ڪجو.

ڇهنو ۾ اُتين ئي گذاريو. سڀني ٻُڌي سمجهيو ته اڄڙو تو
ليائو ملي ته ٻاهر تي آهي، سڪ سانت آهي، هاڻي هنيا
اچو، پر اهڙي خبر اچي ڇو ٿي؟

هاڻي سڀني آکيرو ڦٽائڻ جي تياري ڪئي. ڦٽڻ هڪ
ڪٽنب اٿي جوڌپور ڀرئي رهيو. انهن الي ٻسين هلائڻ جو
ڌنڌو شروع ڪيو، ٻاقي ڪي دهليءَ ويا ته ڪي ٻمبئيءَ.
ڪي ٻڙودي ويا ته ڪي ڪلڪتي ۾ وڃي نئين سر زندگي
شروع ڪيائون. منهنجا ٻه ڀائر ۽ ڀيڻ اچا پڙهيا پئي. ٻمبئي
او ليو رسٽيءَ جي ڪورس لاءِ ٻڙودو پڻ ڳنڍيال هو. انڪري
اسين ٻڙودي هلي آياسين.

ڏيان ۾ ڇڙهڻ وقت اُتين لڳو، ڄڻ جيئري هوندي ئي
پنهنجي زندگيءَ جو موت ڏٺو اٿم ۽ هاڻ هڪ اَنجان جيون
جي ٻنهي ۾ ٻيٺل آهيان.

# ورق اٺون

## ماں - ماسترياڻي

جهان ۾ جي رهڻ نہ رهہ تون جهان جي فضا کان فارغ
اڏام ڪڪرن جيان مٿاهون وسط مان نالو نهال رهندو
— ليکراج عزيز

منهنجو بابا اسان کان ڇهين ڇهين مهيني درجا ٽپرائيندو هو. هر روز رات جو ميز جي چوڌاري وهاري اسان کي پاڙهيندو هو. منهنجو ڀاءُ ڏيو ۽ مان ٻہ درجا ٽپيا هئاسين. ڏيو ميٽرڪ تائين درجا ٽپيو. ننڍو نارائڻ سال ۾ ٻي درجا ٽپيندو هو، تڏهين ٻہ هو سڀني حيدرآباد جي پرائيمري اسڪولن ۾ پهريون نمبر ايندو هو. تن ڏينهن ۾ هوشيار شاگردن جو ڏاڍو قدر ڪيو ويندو هو. ڇوڪرين تہ ٽئين درجي ۾ ئي پهريون انگريزي پڙهنديون هيون. ان ڪري مون چوڏهن ورهين ۾ ميٽرڪ جو امتحان ڏنو.

نتيجو ظاهر ٿيڻ کان اڳ ئي ليو ونڪنسي ۾ ٽن مهينن لاءِ حيدرآباد جي مشنري اسڪول مس پگٽ گرلس هاءِ اسڪول ۾ ماستري ڪيم. اسڪول جي هيڊ مسٽريس مس هينورٽ هڪ قدردان انسان هئي. مونکي چوي تہ تون انگريزي ۽ حساب پاڙهہ. حسابن سان منهنجي ڏريان ئي دشمني هئي، سو انسپيڪشن ٿي تہ ڊپ وچان مون ئي

# ورق نائون

## زندگي هڪ ناٽڪ

"ڏاڍهن ڪهڙي ڪجي، ٿو ڪير ٻڌي؟
سڀ هتي ڪرڻو درگذر آهي"
— ارجن "حاسد"

ناني چوندي هئي ته "مون ناٽڪ ڏٺا هئا 'راجا هرشچندر'، 'نل دمينتي'، 'رڪمڻي - ستيڀاما' وغيره. ڇا ته انهن ۾ راڳن جو مزو هوندو هو. هرشچندر جو پٽ جڏهين ناڳ جي ڏنگ ڪري مرڻ تي آهي، تڏهين مٿن کي ٿو چوي:-

"ڪيول ميول پانرو، ماتا کي حال سڻائجو،
هاءِ! ته مونکي ناڳ ڏنگيو،
روهت پٽ ته هلي رهيو..."

اهي وري "رام ليلائون" ڏٺيون هيون. شادي ڪرڻ بعد ڪراچيءَ ۾ ڪجهه وقت رهي هئي، جتي رام باغ ۾ رام ليلا ڏني هئائين. گهڻي ڀاڱي اتر پرديش مان ڪانه ڪا ٽولي اچي رام ليلا ڪيليندي هئي، پر سنڌي به پنهنجي-ر ڪي نه ڪي نظارا ناٽڪ جي ڍنگ تي پيش ڪندا هئا. اهي ياد ڪندي امي ڳائيندي هئي:

وقت ۽ زماني جي تقاضا موجب رنگ منچ جي ڄاڻ ۽ ڪلا
جي وڪاس مـــان واقف ٿيڻ ضروري ٿيندو آهي جي
ڳالهيون مولڪي هيئنر دلچسپ ٿيون پاسن. ان ڪري هاڻي
ناٽڪ ۽ مان الڳ ٿي ويا آهيون هڪ ٻئي کان انهن ڇڄجي
۽ پنهنجي زندگيءَ جي نـاٽڪ ڪيليندڙ ۽ ڏسندڙ ٿيڻ مان
ٿي آهيان!

# ورق ڏهون

## منهنجي پيرن ۾ چڪر آهي

"ڪونج اُفق ۾ رلندي رلندي
ساٿي ڳولهيندي - دڳ ڀلندي
لنوَندي لوَندي - ٿڪجي پوندي"

— شيخ اياز

لڳي ٿو منهنجي پيرن ۾ چڪر آهي. منهنجو پيءُ گشت تي ويندو هو. هڪ ٻه دفعو ان سان ڳوٺن ۾ ويئي هيس پر ان وقت مان تمام ننڍي هيس ان ڪري ڳوٺن جا نالا به معلوم ڪين اٿم.

پيءُ جي ديهانت بعد حيدرآباد آياسين ته سانده ڪي سال ڪٿي به وڃي نه سگهيس. منهنجي ماسيءَ جو گهوٽ راءِ صاحب پوڄراج ملڪاڻي ڪوئيٽا ۾ نوڪري ڪندو هو ۽ هر سال وڪيشن ۾ ماسي ۽ سندس سڀ ٻار ٽي مهنا ڪوئيٽا ويندا هئا. هڪ وڪيشن ۾ مان به انهن سان گڏ ڪوئيٽا ويئي هيس جتان "زيارت" ۽ "چمن" جون هل اسٽيشنس پڻ ڏٺيون هيم. ڪوئيٽا ۾ توُت ۽ شهتوُت رستي جي وڻن ۾ پيا لٽڪندا هئا. چمن ۾ تازن بادامن ۽ تازن اکروٽن سان جهنجهيل وڻ پڻ ڏٺا هئم. ٽنهي جڳهين

# ورق ٻارهون

## مون شادي ڇو نه ڪئي؟

"اسين پاڻ امير - دل جي ولايت جا!
تارن جي تدبير - الي هلي ڪانڪا."

— ڪلياڻ آڏواڻي

مان حيدرآبادي عامل گهراڻي ۾ پيدا ٿي آهيان. ائين ٻڌائيندي فخر به ٿئيم ٿو ۽ لڄ به ٿي اچيم. اسانجي ايات ۾ ڇوڪريءَ کي هر طرح لائق بڻايو ويندو آهي ۽ کيس ذهني يا سماجڪ ڳالهين ۾ وڪاس ڪرڻ جو هرڪو وجهه ڏنو ويندو آهي. پاڙهي ڳاڙهي ڊگريون حاصل ڪرائي علم ۽ لياقت سان سينگاريو ويندو آهي. رڌڻ پچڻ جا سڀ نمونا ۽ طريقا سيکاري کيس گهر هلائڻ جي هنر مان چڱيءَ طرح واقف ڪيو ويندو آهي، شاديءَ بعد عورت جي درجي کي هيٺ نه ڪري، مرد پنهنجي ڪم ۽ ڪمائيءَ بابت هنکي هرڪا ڄاڻ ڏيندو آهي ۽ هر ڪم ۾ کانئس صلاح وٺندو آهي، پر شاديءَ ڪرائڻ وقت ڇوڪريءَ جي پر ۾ يا مٿي تي ناڻي جي ڀاري ڳوٺڙي رکڻ لازمي سمجهي ويندي آهي! ڄڻ ڇوڪري ناهي، پر ڪا عربي گهوڙي آهي، آهي، جنهنجي سوار لاءِ گهوڙيءَ کي سونا سنج پاتا آهن،

پر مون شادي نه ڪئي - ان لاءِ مونکي ڪو به ارمان ڪونهي.

عجب ۽ حيرت جي ڳالهه آهي ته مون پنهنجا پئسا ”پنهنجيءَ ڏيتي ليتيءَ“ لاءِ ڪم نه آندا، پر پيءُ جي شاديءَ ۾ مونکي اهو سڀڪجهه ڏٺو پيو ۽ ان نفرت آميز لمولي ۾ ٿي ڏٺو پيو، جنهن کان مونکي چڙ هئي. هنجي ساهرن مصريءَ ۾ گهڻيون گهرايون، ڳڻي ڳڻي نوٽ ورتا ۽ ڇڪي ڇڪي چيزون، پئسا ۽ مڙيا حاصل ڪيا. پنهنجي آدرش تي مان پاڻ ڪنواري ويهي سگهيس ٿي، پر ٻئي ڪنهن کان ڪيئن ٿي قرباني طلبي سگهيس؟ افسوسناڪ ڳالهه اهائي آهي ته سماج جي زنجير ان لمولي بڻيل آهي، جو عورت زنجير جي هڪ ڪڙي پنهي ته پيءُ ۾ جڪڙي ٿي وڃي ٿي!

# ورق ٻارهون

## مان هڪ عورت

"اڄيان ٻيڙي ۾ رهيو - ڪنڌن جو اُڪاءُ
پڇيان لتاڙيل ڦول ٿي - ٽنڊيا رهيا هڳاءُ."

— نارائڻ شيام

منهنجي گهر ۾ جنس موئنث جي ڪڏهين به ڀي عزتي نه ٿيندي آهي. امي انقلابي خيالن جي هئي. هن منهنجن ڀائرن کي ڪڏهين به ڀيڻن کان ڀاڻ گهٽي مٿي سمجهڻ جو غلط خيال نه ڏاو. ڪم ڪارڙي وهنوار ۾ اسين ڀائر ڀيڻر بلڪل سمان سطح تي هڪ ٻئي سان ورتاءُ ڪندا هئاسين، ڪندا آهيون. پر اسانجي اسڪول ۾ ڇوڪريءَ کي فضيلت سان پيش اچڻ واري "ڪلا" سيکاري ويندي هئي. ڏاڪڻ تان لهڻي ته ٻئي کي هلڻي، کلڻي ته گهوڙي وانگر نه، بلڪ هلڪو ٽهڪ ڏجي، ڀاڻ وڏي سان ۽ پرش سان هميشه توهان ڪري ڳالهائجي، هلڻ وقت سڌو ٿي ٻنڌوقون جهلي نه، پر تورو لمي ۽ جهڪي هلجي وغيره.

شام جو باغ ۾ گهمڻ ويجو هو ته اُتي کهڙي ٻه، ماڻي اتي اسانجي مڪت ۽ ڪلپل ٽهڪ ڏيڻ تي اسانکي جهيڙيندي سگهندي هئي ۽ گور سنگت ۾ مٿو نه ڏيکي اچڻ لي کهڙو ٻه شخص ڇوڪرن کي دٻ ڪيڻ جو حق رکندو هو.

سندس آڏو ڪي مشڪلات دور ڪري، هرهڪ ڳالهه ۾ هن
جو رکوالو بڻجي ٿــو، تنهن جو مطلب اهو ناهي ته هوءَ
شادي نه ڪيل عورت جو مخول اڏائي. ڪيترا ئي مرد
هڪ ڪنواريءَ تي قياس جي نظر اُڇليندا آهــن. اهي
پنهنجيءَ سمجهه ۾ سخت پليل آهن.

نه عورت هجڻ گناهه آهي ۽ نه شادي نه ڪرڻ سان
ڪا ڪاڻ رهي ٿي. اُلٽي سمجهه وارا ڪجهه ته پيا چون،
منهنجي سمجهه سلٽي آهي، انڪري انهن جي چوڻ جي
پرواهه ڪرڻ جي ڪڏهين به ضرورت نه پيئي اٿم.

# ورق ٽيرهون

## ڪالھ جي ياد - اڄ جو سپنو

منهنجي سنڌ جو نقشو
ڪاغذ جو نقشو نہ آهي
اهو منهنجي دل جي خون ۾ چٽيل نقشو آهي
- ارجن شاد

ڪالھ جي ياد ايندي ئي هڪ ندي اُڀري ٿي پوي... ندي، جنهنجي چانديءَ جي ڌارا ۾ ٻادگيرن جون سوليون ٻڙڪيون پيئون ترنديون آهن. ڇٽي پاسن کان شوخ ۽ چنچل ڇورون ٽپڪ ڏينديون "ٽا ٽپي ٽہ ٽہ ٽپي" ڪنديون، ڇنڊيون هڻيون اڇنديون آهن ۽ "گ ۾ پ ... ۾ پ گ" اُڀرنديون هلنديون ۽ وهنديون آهن.

ٻالڪپڻ جا اهي ڏينهن جڏهن اُمي اچا ۽ لفظ چوندي ٿي تہ ۽ ڳـوڙها اکين مان اُڀن ٽپڪي پوندا هئا، ڄڻ گل ميوا آهن. ڪشور اوستا ۾ ماستريائي ۽ منا ٻـول ليندي هئي تہ اهي اُڀن دل تي چنبڙي پوندا هئا، ڄڻ ڪي ماڻهو آهن جي گلي ٿا لڳن.

هر آرتوار تي اسين سڀ ٻار ٻچڙ ماءُ سوڌا وڪٽوريا ڏيءَ ۾ چڙهي، سنڌوءَ ڪناري گدو بندر تي گهمڻ ويندا اسين. سنڌو - جا ندي بہ آهي تہ ساگر بہ آهي، تنهن

ته ملي ۽ هو پنهنجو آواز ڪوهي رهيو آهي؛ سنڌي ليکڪ آئينده اولاد ۾ ته ڏسي ۽ هو منجهي پيو آهي. هند ڪان ٻاهر رهندڙ سنڌي پنهنجو زمين - ٽڪر لاءِ ڏسي، ٿانئون ٻڌي پيو آهي. هندستان اندر رهندڙ سنڌي پڻسي جي ڪڙ اچي لڳو آهي.

جيڪي پاڻ کي ناڪيا ٿا سڏائين، سي ب پنهنجي اولاد کي ٻوليءَ، ساهت سنسڪرتيءَ جو ورثو ڏيڻ بدران جاءِ ۽ ناڻو ڏئي وڃڻ جي پيا سوچين.

ان عجيب اسٿتيءَ منهنجون پلڪون خــواب ڪيئن اڻي سگهنديون؟ منهنجي دل پنهنجين ڀاونائن سان سازگار آهي، ان ڪري ”بي گهر“ ۽ ”بي وطن“ جو احساس منهنجي من کي وڪوڙي ويو آهي.

ايندڙ بهار جـــي اميد ۾، دل، سياري جي ٿــڌ کي سهاري ويندي آهي. پر هت اهڙي آس ئي ڪٿي آهي؟

ڪالهه جي ياد تـــ تازي آهي، پر سڀاڻ جو ڪوئي سپنو ڪينهي مون وٽ. مان انهن ئي ٿي چوان ته :-

اڪبر اعظم جي دربـار
۽ حسن جي سرڪار
پوءِ بـ
انارڪليءَ کي جيئري ئي دفـن ٿيڻو پيو
پارس جي دلهن - دهلي
۽ منهنجي گهر جوڙڻ واري اعليٰ موئن جـي دڙي
واري سڀيتا
پـوءِ بـ
مان - سنڌڻ
بي گهر ٿڻجي در در ٺوڪرون کائي رهي آهيان.

# ورق چوڏهون

## زندگيءَ جي شام

زندگيءَ جي شام آئي آهه.
ٿو وڻن ۾ زرد پن ڪڙڪڙ ڪري
بس هوا ۾ مان به ٿي ويندس هوا

- پريو "وفا"

پنهنجيءَ ڀونءِ جي ڀوءِ ڪٽي اسين هيلتائين زنده رهيا آهيون. پنهنجيءَ ٻوليءَ لئي دست رس رکي اسين ساهتڪار سڏائي رهيا آهيون. لاڏا ڳائي ۽ جهمر هڻي اسين سنڌ جي ڳوٺن جي تهذيب جي همڪار سان اڃا تائين واسيل آهيون. پر ڄاڻ يا اڻڄاڻائيءَ ۾، چٽيءَ طرح يا ڏنڌليءَ ريت پنهنجي هستيءَ کوهڻ جو ڀؤ اسان جي من جي ڪنهن نه ڪنهن تهه ۾ موجود ٿي رهيو آهي. ڪڏهين ملڪ جي عجيب فضا ۾ اهو ڀؤ اندران نڪري ٻاهر اچي هڪ سوال جو روپ ڌاري اسان اڳيان ڪڙو ٿي ٿو وڃي ته ڪڏهين مسئلن جي ڳنڍ ٻٽجي اسان کي مونجهائي ٿو رکي.

جڏهين پکي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ ويندا آهن، يعني مائگريٽ (Migrate) ڪندا آهن، تڏهين اهي ٽوليون ٺاهي اڏامندا آهن. پر اسين انهن ڇڙوڇڙ ٿي ويا آهيون، جڻ

زندگيءَ جي شاهراهه تان هلندي اسين ٻه، محسوس ڪيو اٿئون ته جن تي گهڻي ۾ گهڻو وشواس رکيو اٿئون، انهن ئي مونکي گهڻي ۾ گهڻو ٺڳيو آهي ۽ ٻاهرئين ٺهه ٺپي پيڇاڙي جن ۾ جهجهي اميد هئڻ جو ڀرم ٻڌي پاليو اٿئون، سي ئي انسانيت کان خالي ڏٺا اٿئون. خير......

ننڍي کان وڏي هئڻ تائين گهڻي جد و جهد ڪئي اٿئون. هاڻي مان ٿڪي آهيان. جهان مان هلي وڃڻ جو مونکي ڪوئي غم نه آهي. نه ڪا چيز، نه ڪائي ڳالهه ۽ نه ڪوئي انسان، مونکي هٿ وٺي رهڻ لاءِ مجبور ٿو ڪري. اسين پيو لڳيم، ڄڻ دنيا مون لاءِ اجنبي ٿيندي ٿي وڃي.

هر رات جو اکيون ٻوٽڻ کان اڳه مان اسين محسوس ڪندي آهيان، ڄڻ دنيا هڪڙي پاسي ٿيئي هلندي وڃي ۽ مان ٻئي پاسي. ٻئي هڪ ٻئي کان دوُر دور پيا ٿيندا وڃون. اسان ٻنهي جي وچ ۾ مفاصلو وڃي ٿو وڌندو.

هيءَ منهنجي زندگيءَ جي شام آهي. اُفق وٽ لالاڻ آهي. پکي پنهنجي آکيرن ڏانهن اڏامندا ٿا وڃن. ڏينهن رات کان موڪلائي هليو آهي. اسان ٻه ڄاڻ، ڄاڻ موڪلايو.....

پيلا يادگيرين جي ڳلين ۾ آخر ڪيترو پنڌ ڪبو؟

# ورق پندرهون

## اسانجا سگهڙ سياڻا

لون ڏنا ڪيترو ۽ ڪيئن ڀرين
سب هوائن جي اختيار آ

- ايم ڪمل

مان شاعرا ٻڌجي ته سگهڙس ۾ مولڪي شاعر ڏاڍا وڻندا آهن. پرنسيپال اجواڻيءَ هڪ سنستا اُسرپا ڪئي هئي "سنڌي ساهت سنگت". ان سنستا پاران ڪي. سي. ڪاليج ۾ راتين، تقريرن ۽ شعرن جون چٽاڀيٽيون ٿينديون هيون ۽ مشاعرا ۽ چؤاڪيون پڻ ڪيون وينديون هيون. شاعر پرسرام 'ضيا' سان منهنجي ملاقات اتي ٿي ٿي هئي. هو سادو سودو ۽ دل وارو شخص هو. ورهاڱي جي بدولت غريبي سندس پلؤ پيئي هئي.

دنيا ۾ هڪڙا اهي شخص آهن جي حالتن مان پيدا ٿين ٿا ۽ ٻيا اهي جي پاڻ خود حالتون ٺاهين ٿا. ضيا پهرئين نموني جي پيدائش هو. تڏهين ته ضيا اهو شاعر هو جو ڪڏهين ته غريبيءَ سبب مرادون ماڻي نه پئي سگهيو پر ڪڏهين ڊگريون حاصل نه ڪندي به هو اهڙو شاعر ٿيو جو ڊگريءَ وارا سندس شعر جو اڀياس پيا ڪن! ضيا

پيهي چندر جا راڳ ٻڌنديون هيون. چندر جو آواز ۽ ٺمريءَ راڳ! جڻ ٻئي هڪ ٻئي لاءِ جڙيل هئا!

جڏهن وقت ٿو لهارين
سهڻا اکيون کڻين ٿو
دل کي گهڻو وڻين ٿو!

---

دل نه چاهي ٿي سدا دلبر سان گڏجي مان گهمان
پر ڇا ڪريان منٺار سان گڏجي گهمڻ جي آ مزو.

---

مان ٿو چوان مران ٿو- هو ٿو چوي ڀلي مر
ڪهڙو نه محب منهنجو حاضر جواب آهي!

چندر جو راڳ ٺيس پر سليس سنڌيءَ ۾ آهي. ان راڳ ۾ ڪن رنگين ۽ مٺڙ گهڻين جو چٽر آهي، انهن مٺڙ گهڙين ۾ سنڌي ڳوٺاڻن جي دل قيد ٿيل آهي، اهي دليون زنانيون لوڙي مردانيون ٻئي آهن، اهي زالون ۽ مرد جوانيءَ جي ڏاڪي تي بيٺل آهن ۽ اها جواني ڪل چرچي ۽ مذاق جي ڪوڏي آهي.

ڳوسوامي برهمانند چندر جي صفا اٽڙ هو. چندر عام ۾ پيارو هو ۽ گوسوامي "تن نن تن نن" جي ڪان ۾ پنهنجو پاڻ کوهيندڙن جو دلارو هو. سنڌ ۾ وڏن گهرن جون ڇوڪريون ونانس ڪلاسيڪي راڳ ٻيا سر حسيني سکنديون هيون. هن جي شاگردياڻي جڏهين موهل جيڻان ورلاپ ڪندي ڳائيندي هئي:-

ڪيئن ڪريان ڪيڏانهن وڃان
مونکي سوڀو سمجهه نه ڏي
الا.... مونکي راهو سمجهه نه ڏي

هتي ۽ ڇا هيءَ اڄ آهي؟ سرد آهه ڀري ڇوان ٿي:-

شينهن ڌاڙون ماريندا هئا
ٻادل گجندا هئا
مور ٽيون ڏينديون هيون
۽ هاٿي جهومندا هئا
۽
ماڻهو سمندر جي لهرن جيئان لهرائيندا هئا
سندن مک تي
اُتساهه انهن چمڪندو هو جيئن اُس ۾
واريءَ جا ڪڻا.

اڄ
لومڙ ۽ گدڙ آهن
سالڏا پنهنجا رنگ پيا بدلائين
ڪرڙلون بنا پڇ پيئون چرن پرن
سوُپيرڙيون پيئون سرڪن
۽ ڪتا پڇ پيا لوڏين.
رشوت، چاپلوسي،
خود غرضي ۽ اڻ ڄاڻائي
پيئون ڪن
ڪانءُ ... ... ڪانءُ ......
ٽُرٽ ...... ٽُرٽ ...... ٽُرٽ ......
ايمان، ذهن ۽ انصاف
منهن موڙ ۾ وڃهي
دُور دُور
بلڪل دُور وڃي ويٺا آهن

- ڀوپڻي

ڇڏيون، مگر آتما اَنشٽ آهي اُن جي خبر ڪيئن پوي؟
ڀلا جڏهين مايا مان ٺهيل شرير جا پنج تتون موت بعد وڃي ٽا سرشٽيءَ جي پنجن تتون سان ملن تڏهين آتما جا پرماتما جو اَنش ٿي آهي، اُها ڇو نه ٿي خود به خود پرماتما سان ملي؟ اسانکي اُئين ٿيڻ لاءِ شرير هوندي اَندرو پڻ ڇو ٿو ڪرڻو پوي؟

سنسار ۾ اسان کي انيڪ قسمن جا ڏک ڇو ٿا سهڻا پون؟ جنم به ڏک، ته مرڻ به ڏک، بيماري به ڏک ته وڇوڙو به ڏک، غريبي به ڏک، ناڪامايي به ڏک، دشمني به ڏک ته بي قدرائي به ڏک! آخر اسانکي ڏکها، بدرا، وڏا ننڍا اَتترا ڏک ڇو ٿا سهڻا پون؟

ڀلا هيءُ به ڪو انصاف آهي؟ زندگي ڏني اوچتو اسان کان کسي ٿي وٺجي ته اسين ڪا دانهن ڪُوڪ به ڪري نه ٿا سگهون؟ موت اهڙو قهر ڀاهي ته به اسانکي فرياد ڪرڻو ناهي! ڀلا هيءُ ڪهڙو نيم آهي قدرت جو!

# ورق سورهون

## اڪيلي اگربتي

دل ٿي چاهيان هجي پل رات
ڇهرو پر صبح وارو رک

- ايم ڪمل

مون پنهنجي آتم ڪهاڻي لکڻ ۱۹۷۸ ۾ شروع ڪئي جا ۱۹۸۰ ۾ ڇپي. ان وقت اڇا آدمين ۾ ديد هو ۽ پر مان سمجهان ٿي جيئن جيئن وقت گذرندو ٿو وڃي تيئن ڏسان ٿي ماڻهن ڪان ماڻهپڻو ٿي موڪلائيندو ٿو وڃي!

ننڍي هوندي ڪان ٿي مونکي تلخ ۽ مشڪل حالتن جو مقابلو ڪرڻو پيو آهي. ان ڪري منهنجي زندگي ائين بڻجي ويئي آهي جو مان مشڪلات ڏسي روئان يا پڇان ڪين پر همت ڪني ڪري ان جو مقابلو ڪرڻ جو جتن ڪريان.

منهنجي ان عادت ڪري منهنجي گهر جا ڀاتي مون کي بردبار ڪري ليکيندا ۽ سمجهندا آهن. پر بردباري جو مطلب احساس - هيڻتا ته نه آهي نه؟

منهنجا ڀائر ۽ ڀيڻ مونکي جهجهو پيار ۽ عزت ڏيندا آهن پر جتي اهي هرهڪ ڳالهه ۽ وهنوار ۾ اهو خيال ضرور رکندا آهن ته اهڙي ڪا ڳالهه يا وهنوار نه ڪريون جنهن

نراشا وچان مان پڙهي چوان :-

ڏنڌ ٿي ڏاڍ آهي لا اٽر وڍي ٽم جهڪي ٿي
منهنجو چهرو گم ٿــي ويو لا درڀٽ ڏهي پيو آ؟
نہ اکين ۾ ڪو آ سپنو ۽ نہ سپنن کي ڪو اُرٿ آهي
واٽون ڀٽڪون پوري سڀ ۽ آشائون ٽٽي پيو آ؟
ڏاڍو ڀٽيو آ ڏنهڙو ۽ رات ڍي لہ ٽٽي ٿي آسان
منهنجي قسمت جو باب لکندي ـ ڪاتب سمهي نہ نہ پيو آ؟
منجهي پيٽي آءُ آهيان ۽ دنيا هوشيار ٿي وئي آ؟
هاڻي سگهان ۽ ٿي مان لا رستو ڀدلجي ويو آ؟
ڪنهن ۾ ڪم نہ آ مونکي نہ ڪنهنجي پرواھ رهي آ
ڏاريا لڳن ٿا سڀ اڄ ـ جڳہ اجنبي بڻي پيو آ!

ـ (پورڻي)

لتي ۽ ٿڏي ۽ ڪاھ ڪري، ڪاڏي کي ڏياڙي جن لاءِ مون ڪم ڪيو سي اڄ مون سان ٿي ٿا ڌوھ ڪن؟ جن کي مون سڳو مٽر سمجهيو هو پنهنجو، سي ٿي سرڳهوري سوري ٿا دشمني ڪن؟

تازو ٿي هوٺو "سندو پياسي" جو هڪ غزل پڙهيم:-

صاف پولي گـر هجي ڪنهن جي هٿي
ڪين ٿو ٻڌجي ٻـہ ڪو اهڙو اديب
سڀ ادب جـي اوٽ ۾ ٿـي هنس پيا
پـر لڳن ٿـا ڪاڻ جي اچــن قريب

(هيٺين سٽ جا لفظ "جي اچن" مون مٽايا آهن)

ڪيمن مؤلائي ۽ پڙ لکيو آهي:-

لونجي ايتري وٺي سنڌيت
ڪيڙن کي اھا وٺي ٿي لتي!

ان طرح ٻيگوان "نردوش"، ڇيتو لعلواڻي ۽ ٻيا گهڻا جوان اڀين ليکڪن جي پاسخاطرين ۽ سوارٿي ڪمن مان ڪڪ ۽ بيزار آهن.

اسانجو محبوب شاعر آهي. ڪمل ٿو چوي:-

هر سوُ ڏاڍائي
چپ چاپ سهُون ڪيسين؟
دڳ، دڳ، ناانصافي
وک وک لهس آئي
چپ چاپ سهُون ڪيسين؟
پاڪندي پاڪر ۾
لڪي سچ جي وائي
چپ چاپ....
ڪنهن نه سڪ سنگينءَ وات ۾
آنڌا اوکا موڙ
چپ چاپ...

ٻئي هنڌ چوي ٿو:-

روشن چهرا ٻاهران
اندر ڪاري ٻات
نظر...
اونده ڪي پرپل ڏسي
ڪنهي ڏٺي جي لات
نظر...

ڪمل هاڻوڪي دنيا جي وهنوار کي چٽڻ ۾ گهڻو ماهر آهي. اڄ سنسار جو هر هڪ شخص ڪمل جي چوڻ سان شامل راءِ ٿيندو ته:-

اهڙي

اهڙا ڏينهن آيا ڪي آيا
مارئي ٻ وڙي ويندي عمر ڏي
ڪٿو مٽيندي ريشم سان
اهڙا...

هرڪو ٿيندو اک جو ٽڪو
هر شيءِ ڏسندو پيٽ - نظر سان
اهڙا...

سيرت ڏي ڪا نظر نه ڪندي
ٻلهار ويندا سڀ صورت تان
اهڙا...

مهاراشٽر ساهت اڪادمي ۾ ان ٿي شاعر اهن. ڪمل کي هڪ جج سندس ڪتاب تي وڌيڪ مارڪون ڏنيون ۽ ر اُن کي ڇهو ويو ته هن کي صرف هڪ مارڪ ڏي ڇاڪاڻ ته هن سال اسالڪي فلاڻي مهرباني ڪندڙ کي انعام ڏيڻو آهي ته جج صاحب ائين ڪري اهن. ڪمل سان بي انصافي ڪري ڇڏي!

هي اديبن جي دنيا آهي؟ اهڙن کي اديب ڪري سڏبو؟ وڏا ننڍن لاءِ ڪهڙو ٿا ماحول پيدا ڪن؟ ڪهڙو ٿا مثال پيش ڪن؟ آپريشن لاءِ مونکي خون کپندو هو. منهنجو ڊاڪٽر ٿي. آر. مونواڻي بلڊ بئنڪ مان خون خريدڪرڻ لاءِ تيار نه هو. سنڌين ۾ دقيانوسي خيال ويٺل آهن. انڪري ڪوبه مونکي خون ڏيڻ لاءِ تيار نه پئو ٿي! ڇي ماءِ ٿي جهنم! مڙس موڪل نه ٿو ڏئي!

پورو مهنو لڳي ويو! مٽن مان صرف ڪيرت هڪ ديپڪ پاڳاڙيءَ جو نالو ڏنو. ديپڪ پاڳاڙي مونکي سڃاڻندو نه هو پر خون ڏيڻ لاءِ ٻن ليمگرن کي وٺي آيو!

جي اسٽري" ۽ "ڀاشا شاستر" ساهتيه ۾ خاص درجو والارين ٿيون. ان ڪانسواءِ "سوامي وويڪانند جي جيوني" سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري اوهان ساهتيه کي مالامال ڪيو آهي. اوهانجون رچنائون الڳ الڳ ڀاشائن ۾ ترجمو ٿينديون رهيون آهن.

اوهين آدرش اڌياپڪا آهيو. هن وقت جڏهين سنڌي جاتيءَ اڳيان ٻولي، لپيءَ ۽ تعليم جا مسئلا آهن ۽ جاتيءَ کي جڏهين روشن راهه جي ضرورت آهي تڏهين اوهين پنهنجين اڻٿڪ ڪوشش سان رهنمائي ڪري رهيا آهيو.

١٩٦٩-٨-١٥

سنمان ڪري مانپتر ڏيڻ واري ڪاميٽيءَ جو ڪنوينر هو شاعر ارجن حاسد ۽ شامل ٿيل سنسٿائون هيون:-

١) سنڌي ساهتيه سنگت - احمدآباد
٢) سنڌو شيوا سمتي - احمدآباد
٣) احمدآباد سنڌو سماج
٤) ڪويتا - ڀماهي
٥) هاڪس ڪلب
٦) ٽين دروازا سنڌي منڊل
٧) سنڌي پنچائت - ايلس برج
٨) "ڪلي" ماهوار
٩) سرسوتي پستڪاليه امباواڙي
١٠) سنڌو ڪلاڪار منڊل
١١) "ماروئي" ماهوار رسالو
١٢) "جهوليلعل" هفتيوار
١٣) جنتا ڪاميٽي - سردار نگر ٽائونشپ
١٤) سنڌي گريجوئيٽس ائسوسيئيشن
١٥) جاز ڪلب

سنڌي لکين ٿي." يعني هنجو پيار سنڌيءَ سان آهي.
آهي سنڌيءَ کي ئي مان ۽ عزت ڏين ٿا. انڪري مونکي
پاڻ تي ڀاور ڪرڻ جو ڪو به سبب نه ٿو ملي. مان وس
آهر سنڌيءَ لاءِ ڪجهه ڪريان ٿي ته اهو منهنجو فرض
بڻجي ٿو ڇاڪاڻ ته سنڌي منهنجي ماتر ڀاشا آهي. تنهن
هوندي به مان جيڪر چوان ته منهنجا اهي سنڌي پنهنجي
سنڌيءَ کي گهڻو ۽ وڌو پيار ڪن ٿا ۽ ان پيار وچان ئي
آهي مونکي به پيار ڪن ٿا.

ستر سالن جي عمر کي ويجهو ايندي اهين محسوس
ڪيو اٿم ته زندگي جدوجهد جو ئي نالو آهي. ڪو ڪهڙي
چيز لاءِ هٿ پٽ ٿو ڪري ته ڪو ڪهڙيءَ لاءِ. جيئن جي
جڳهه هرهڪ کي لڙڻي پوي ٿي. گهڻي ڀاڱي مون اڪيلي
اگربتيءَ جيان گهڻن کي لڙڻو پوي ٿو ۽ باقي ڪن کي
ڪنهنجو ساٿ وٺي لڙڻو آهي. مان حالتن سان اڪيلي
لڙندي رهي آهيان:-

## اڪيلي اگربتي

ٻهاڙن جي جهرمٽ
۾ هڪ اڪيلي بتي
رات جي اونداهي سان
لڙندي رهي
هاڻ
صبح جي ڌنڌ ۽ غبار سان ٻڙ
لڙڻو اٿس.
ڪيس اڪيلي ڏسي
چئني طرفن کان

سنساهٽ مٿس حملو ڪيو
اونداهه ۽ ڪارنهن ۾
اَن جوڻي ساٿ ڏنو
پـــر
اُوهه
نه ڊپ آهي
نه گهٻرائي آهي
جيئن گوتم ٻڌ مارا جي حملن سامهون
شانت ويٺو هو
هيءَ به اُڀي آهي
شانت ۽ اٽل

## ڦوٽڙي

غم ۽ زخم سڀني کي آهن. ڪن کي سڪل غم ته ڪن کي سبز غم آهن، ڪن کي ساوا، ڪن کي سرخ زخم آهن پر ڪوئي رئندي رئندي ڏينهن گذاري ٿو ۽ ڪو مسڪرائيندو رهي ٿو.

خير... مون زندگيءَ سان پيار ڪيو آهي ته موت کي کي به چاهيو آهي. امر ڪمل جي لفظن ۾ چوان ته:-

ائين گـــذاري مـــون حياتيءَ جي اُس ۽ ڇانـــوَ
عشق جيئڻ سان ڪيو ۽ موت جي چاهت نه ڇڏي!

# ورق سترهون

## منهنجون بيماريون ۽ منهنجا ڊاڪٽر

نا خدا جنهنجو خدا خود، تہ پو خطرو ڪهڙو
ٻيڙو طوفان منجهان پار لنگهيو ايندو آ
- ڀڳوان ڪلماڻي

ڪتاب جي چوڏهين باب ۾ مون جهان ڪان جٽ موڪليو آهي. ۾ پندرهن سال موت سان دوبدو ٿيندي ۽ مان اڃا زنده آهيان.

آرام ۽ ڪاڏي ڏاڍهن بيپرواهہ رهڻ ڪري مونکي مرض اچي ورايو آهي. ۽ تہ تہ مان سالن جا سال يوگہ آسڻ ڪندي هئس اگري هميشه تندرست رهندي هئس.

پنهنجن ئي خطائن جي مونکي سزا ملي آهي. صبوح سويل چانهہ ڪوپ ٻي ڇهين ٻجي اگري بس ڏئاران ڪاليج پهچي، اتي ايائي ڀا ساڍي نين ٻجي تائين ڪلاس وٺي، فورن ۾ اڪل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جي آفيس ۾ ڇهين ساڍي ڇهين تائين ڪم ڪري شام جو گهر پهچي پنهنجي بدن کي ڪاڏي ۽ آرام کان وانجهڻ، پنهنجي سرير سان وڙهڻ ۽ تہ ٻيو ڇا آهي؟

۱۹۷۵ ۾ مون ٻہ ڀاڻر و ڇاپا ۽ ان کان اڳ ۱۹۷۲ ۾ منهنجي ماتا سرڳواس ٿي هئي. منهنجو من ۽ تن ٻئي جڻ ٽٽي پيا

ڪامت به موٽواڻيءَ جهڙو ئي هڪ نيڪ انسان آهي ۽ خصلتن ۽ ڳڻن جو مالڪ آهي.

ڊاڪٽر ڪامت جي ڪيبن ۾ گهڙڻ سان ئي سٺن ڳڻن جي خوشبوءِ اچي پاڪر ۾ پرندي آهي. هو تمام ٿورو ڳالهائيندو آهي. همدردي ڪرڻي هجيس ته اکين کان ڪم وٺندو آهي ۽ شاباس ڏيڻي هجيس ته هلڪي مسڪراهٽ ڪم آڻيندو آهي.

مونکي ڪا به تڪليف ٿئي ته هتان ٻاهي مان هڪ وٽ ڊوڙي ويندي آهيان. ٻئي هڪ ٻئي سان فون ڪري هڪ ٻئي کي منهنجو حال ٻڌائيندا آهن. هنن جي حاضريءَ ڪري منهنجي اڌ مڙي بيماري ٽري، اُن وقت ئي لهي ويندي آهي!

مون ٻئي ڳولهي
منهنجي وڃايل صحت
باغن جي ڪُوانج گلن ۾
سمنڊ جي لهرن جي چپن تي
هوا جي چُرپُر ۾
۽ اُس جي ترڪي ۾
پر
جان ڪٿي ڏسان
ته اُوءَ لڪي ويٺي آهي
منهنجن هنن مسيحائن
ماهر ڊاڪٽرن
۽ سٺن انسانن
وٽ!

هڪ دفعو شري جهمٽمل واڌواڻيءَ جي سڏ تي چيمبور

هلندي رهيا.“ پس مان ان مندر ۾ پوڄاري ڪندي رهندي آهيان.

منهنجي پٽي ڊاڪٽر ڪامت جو نالو آهي مادوءَ. هنجو چوڻ آهي ”هميشه مٺين مادوءَ (ڪرشڻ) پروشواس رکو.“ شري ڪرشڻ منهنجو اشٽ ديو آهي.

اٿين پنهنجي ٺاڪر ۽ پنهنجي مادوءَ (ڪرشڻ) جي سهاري پندرهان سال زنده رهي آهيان.

اٿين ڊاڪٽر هرڪشن ڏاسواڻي جو پيٿالاجسٽ آهي، پاڻ وانگر ٽي چاچ جوچ ۾ مدد ڪندو آهي. ورهين جا ورهيه بيمار رهندي آئي آهيان ته گهر جا ڀاتي پڻ هر طرح جو ساٿ ڏيندا اٿم. منهنجا ڀاٽر موتي ۽ نارائڻ دلداري ڏيندا آهن ۽ دل وٺندا آهن. منهنجون ڀاڄايون چترا ۽ رتنا وڏن آپريشن وقت ولائت مان هلي ايندون آهن ۽ ڪم ڪار ۾ هر طرح جون مدد ڪنديون آهن. پر منهنجي ڀيڻ ڪملا جنهن کي مالڪ شيوا ڪرڻ جو جهجهو ڏانءُ ڏنو آهي سا هر وقت ۽ هر هميشه منهنجي ڀر ۾ هوندي آهي. اسپتال وڃان ته پرماتما جا چرڻ ڀڪڙيان. ڊاڪٽرن جو همٿ جهليان ۽ ڪملا جو پاڻ سوگهو جهليان! بس پوءِ ته ڀؤ ڀولو ٽي ڪين هوندو اٿم.

# "منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق"

## ڪن اديبن ۽ پڙهندڙن جا رايا

**لڇمڻ ڪومل (دهلي)**

"...... ست ست هيانءَ کي چاقوءَ جيان چيريندي وئي آهي. آتم ڪهاڻيءَ جو هي خاڪو سنڌي ادب ۾ مثالي نوعيت واري تخليق بڻجي رهندي ۽ ايندڙ نسل لاءِ نياپو ڏيندو ۽ هر پڙهندڙ کي ٻڌائيندي ته سندس نڪ وڌائيندو."

**اي. جي. اُتم (بمبئي)**

"منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق" پروفيسر پوپٽي هيرانندانيءَ جي آتم ڪهاڻي، هنجي ڀانت ڀانت روپن جو درپڻ آهي. ننڍپڻ کان وٺي وڏپڻ تائين. مئٽرڪ ۾ ٿي نوڪري ڪرڻ شروع ڪيائين. ورهاڱي بعد ڀارت ۾ لڏڻ تي آجيوڪا لاءِ ماستريءَ ۽ پروفيسريءَ سان گڏ لڳاتار گوناگون ساهت رچيائين ته ساهتڪ سنسٿائون به سنڀاليائين ۽ سنڌيت کي اوچ ڏيڻ ۽ پنهنجي حقن لاءِ به لڙي آهي. هن سڀني ڪارنامي لاءِ هن پاڻ تي ڀاڙيو آهي. کيس سندس پنهنجي همعصر ليکڪائن وانگر جيون ساٿيءَ جي مدد نه ملي. هن پنهنجي ماءُ کي به ڇڏي ڏنو، "مونکي پنهنجي لاءِ گهوٽ خريد ڪرڻو ڪونهي."

پوپٽي سچ پچ بي باڪ ۽ صاف گو آهي. هوءَ پاڻ چوي ٿي ته منهنجون پسنديون ۽ ناپسنديون نهايت تيز آهن.

## اياز قادري (ڪراچي)

..... اوهانجو ڪتاب هڪ سنڌي عورت جي آتم ڪهاڻي ۽ ٿي پهرئون ڪتاب آهي، جيڪو اوهان اسان سنڌين ۽ سنڌ وارن کي ڏنو آهي. اوهان نهايت سچائيءَ سان واقعن ۽ جذبن جو اظهار ڪيو آهي ... اوهانجي ڪتاب ۾ ورهاڱي کان اڳ حيدرآباد جي عاملن جي گهرن جي سچي تصوير ۽ سنڌي رهڻي ڪرڻيءَ جو سچو نقشو ملي ٿو. ورهاڱي وارين حالتن ۽ ورهاڱي کانپوءِ ڀارت ۾ سنڌين جي حالتن کي به اوهان هوبهو بيان ڪيو آهي. ٻولي سٺي، ٺيٺ ۽ سادي آهي.

## ڪلا ۽ موتي پرڪاش (دهلي)

”..... سونا روپا ورق ... پڙهي پورو ڪيم. پنج منٽ کن نه روئڻ بند ٿي نه ٿيو. پوئين صفحي تي جڻ تو دنيا کان موڪلايو آهي. موڪلاڻي هونءَ به درد پيدا ڪندي آهي. پر تو جهڙي ڀيڻ جنهن حياتيءَ جو پل پل سچائيءَ ۽ گهرائيءَ سان گذاريو آهي- تنهن جو موڪلائڻ دل قبول ٿي نه ڪري.

## نذير احمد سومرو (نئون ديرو)

... اوهانجي ڪتاب جو هڪ هڪ اکر سونو آهي ۽ نه روپو ....... توهانجي قلم ۾ وڏو درد سمايل آهي. توهان پين مس - ڪپڙيءَ مان نه بلڪل دل جي رت مان ٻوڙي لکندا ويا آهيو.“

**موتيرام لڇيرام ٻناڻي (آمريڪا)**

.... پنهنجيءَ آتم ڪٿا ۾ سنڌي سليس، سهڪ ۽ سوادي ڪم آندي اٿوَ. پيار ۽ استريءَ جي جذبات جو چٽ سٺو چٽيو اٿوَ. هيءَ آتم ڪٿا - بردباريءَ ۽ سچائيءَ سان سڀ ڪولي لکڻ جي ٻئي ڪنهنکي شايد همت نه ٿئي.

**ڊاڪٽر سليمان شيخ (ڪراچي)**

"..... اوهانجي ٻولي ڏاڍو وڻندڙ ۽ دل ۾ چڀندڙ آهي."

**وفا سنڌي (ڊيرپور ماٿيلو)**

..... ڪٿ ڪٿ ته اوهان اصل روئاري ڇڏيو. ائين لڳم ته ڏکو ۽ حشر اوهانجا پاڻ به اسانجا پاڻ هئا. ڪتاب جو آخري حصو "زندگيءَ جي شام" پڙهي پورو ڪلاڪ رنم."

**هاسومل ايسوداس ماکيجا (بمبئي)**

اهڙيءَ طرح پيڻ پوڙهيءَ پنهنجي هن پستڪ ۾ پنهنجي جيون جي جدا جدا ورقن جا ۽ ان سان گڏ سنڌي سماج جي به جدا جدا ورقن لوڙي ورگن جون اڻيڪ موڙتون ۽ صورتون، چرتر رنگ برنگي رنگن ۾ چٽيا آهن جي پڙهندي انيڪ يادگيرون اڇيو اکين اڳيان اڀرن ٿيون! ان ڪري هي سندر ۽ سلوڻو پستڪ سڀاواڪ سنڌي سماج جي هرهڪ ورگ کي چڪيندو ۽ هڪواريءَ اهو هٿ ۾ کڻڻ بعد پورو ڪرڻ بنا ان کي ڇڏڻ ڪين چاهيندو.

# سنڌي ساهت گهر

طرفان سنڌي زبان جا ٽي بهترين ماهنامه

## ڪينجهر

ڊيمي سائيز ۾ سؤ صفحن جو هر مهيني اينڊڙ نيٽ ادبي پرچو جنهن ۾ سنڌي ۽ عالمي ادب جون بهترين چونڊ تحريرون شايع ڪيون ٿيون وڃن. قيمت پندرهن روپيا- ساليانو: ڏيڍ سؤ روپيا فقط.

ماهوار،

## مومل

ڊبل ڊيمي سائيز جي ۱۰۰ صفحن تي مشتمل، سنڌي زبان جو بهترين علمي ادبي ۽ سياسي پرچو، جنهن ۾ بهترين ڪهاڻيون، مضمون، تبصرا، بي لاگ سياسي مضمون، خوبصورت تصويرن ۽ بهترين ٽائيٽل سان هر ماهه اينڊڙ پرچو قيمت: ويهه روپيا- ساليانو: ٻه سؤ روپيا فقط.

ماهوار،

## گلستان

سنڌي ٻولي ۾ ٻارڙن جو علمي، ادبي ۽ سائنسي پرچو، جنهن ۾ ٻارڙن جي دلچسپيءَ لاءِ بهترين مواد ۽ تصويرون ڏنيون پيون وڃن. ڊيمي سائيز- پنجاهه صفحا قيمت: ٦ روپيا. ساليانو: سٺ روپيا.

ٽنهي پرچن جي گهرائڻ ۽ مواد لاءِ رابطي ۾ اچو

۳- نظام لاج- گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ.